حيدرآباد: قدم گاهه مولا علي روڊ تي گٽرن جو پاڻي نظر اچي رهيو آهي

ٽائون ڪميٽي سوڀي ديري جي چيئرمين جي استادن ۽ شهرين سان گڏجاڻي

سوڀوديرو (ن ع ا) ٽائون ڪميٽي سوڀي ديري جي چيئرمين استاد رسول بخش سهتو هائير سيڪنڊري اسڪول، پرائمري اسڪول جي استادن ۽ شهرين سان گڏجاڻي ۾ هن صفائي عملي کي هدايت ڪئي ته شهر کي صاف سٿرو رکيو وڃي. هن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته گذريل اٺن سالن ۾ ڪوبه ڪم نه ٿيو شهر جون ناليون ۽ ڪراس پٽل، روڊ اکڙيل آهن ۾ بجيٽ ملڻ تي شهر کي سنوارڻ لاءِ اپاءَ ورتا ويندا، پهريان شهر کي صاف ڪرائينداسين. ان بعد تعليم ۽ صحت طرف ڌيان ڏينداسين، بنا فرق جي عوام جي خدمت ڪنداسين.

هڪ ڪروڙ سٺ لک بجيٽ رکندڙ مانجهند ۾ پاڻي جي شديد کوٽ، شهري لڏ پلاڻ تي مجبور

سن، آمري، خانوٽ، آڙيپور سميت ڪيترن ڳوٺن ۾ وڏي عرصي کان وقفي وقفي سان پاڻي جي کوٽ سبب رهواسين جو جيئڻ جنجال ٿي ويو

عورتون پارا ڳاڍهن وانگر پاڻي ڍوئڻ لڳيون، پاڻي 200 روپيا في ڊرم وڪرو ٿيڻ لڳو، ٽائون آفيسر جو نه اچڻ سبب رهواسي شڪايتن کان محروم

وڏي رقم بنگلن تي خرچ ٿئي ٿي پر عوام دربدر آهي، نااهل انتظاميا کي هٽائي پاڻي ڏنو وڃي: رهواسين جو مطالبو

مانجهند (ن ع ا) مانجهند تعلقي ۾ پيئڻ جي پاڻي جي کوٽ شدت اختيار ڪري وئي، مانجهند، سن، آمري، خانوٽ، آڙيپور سميت ڪيترن ڳوٺن ۾ وڏي عرصي کان وقفي وقفي سان پاڻي جي کوٽ سبب رهواسين جو جيئڻ جنجال ٿي ويو، شهري لڏ پلاڻ ڪرڻ تي مجبور ٿي ويا، ڪيترائي گهراڻا حيدرآباد ۽ ٻين وڏن شهرن ڏانهن رخ ڪرڻ لڳا، مرد، عورتون پارا ڳاڍهن وانگر پاڻي ڍوئڻ لڳا، پاڻي 200 روپيا في ڊرم وڪرو ٿيڻ لڳو، سڄي تعلقي جي اڪا ٽائون ماهوار هڪ ڪروڙ سٺ لک بجيٽ رکندڙ ٽائون ڪميٽي مانجهند بنيادي حق پاڻي جي مسئلي کي اهميت ڏيڻ ڇڏي ڏني، ٽائون آفيسر جو آفيس نه اچڻ ۽ فون بند سبب رهواسي شڪايت ڪرڻ کان به محروم ٿي ويا. ان سلسلي ۾ سن جي رهواسي ظفر عمراڻي چيو آهي ته سن شهر ۾ رهڻ جڻ ڪو وڏو ڏوهه آهي جو انتقام طور ڪين وڏي سزا ڏئي بار بار پاڻي بند ڪيو وڃي ٿو. مانجهند جي رهواسي لياقت علي ملاح ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته مانجهند تعلقو وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي اباڻي ضلعي جو تعلقو هئڻ باوجود عوام پاڻي کان محروم آهي جنهن سان تبديلي جي دعويٰ اُگهاڙي ٿي وئي آهي. خانوٽ جي صفدر ڪوسو چيو ته غريب رهواسين جو پاڻي لاءِ وڏي رقم ڀري خريد ڪرڻ مقدر بڻجي ويو آهي ۽ حڪمران سٺي حڪومت جي ڳالهه ڪري رهيا آهن. آمري جي رفيق سولنگي ٻڌايو ته موٽر درياهه ۾ ٻڏي وڃڻ کان پوءِ انتظاميا نئين خريد ڪرڻ جي نيت ئي نه ڪئي آهي، وڏي رقم بنگلن تي خرچ ٿئي ٿي پر عوام دربدر آهي. هنن مطالبو ڪيو ته نااهل انتظاميا کي هٽائي پاڻي ڏنو وڃي.

ميرپور پريس ڪلب پاران فوٽو گرافرن انعام ڏنو ويو

ميرپورخاص (بيورو رپورٽ) ميرپورخاص پريس ڪلب جي صدر راشد سليم، جنرل سيڪريٽري محمد صالح ائونو پاران ميرپورخاص پريس ڪلب جي مختلف ٽي وي چينلن تي 12 کان وڌيڪ ڪم ڪندڙ ڪئمرامينن کي نمايان ڪارڪردگي ڏيکارڻ تي عيد گفٽ تحت 12 کان وڌيڪ ڪئمرامينن کي 5،5 هزار روپيا ڏنا ويا، انهي موقعي تي ميرپورخاص پريس ڪلب جي صدر راشد سليم خطاب ڪندي چيو ته ميرپورخاص پريس ڪلب صحافين ۽ ڪئمرامينن جي صلاحيتن کي وڌيڪ بهتر ڪرڻ ۽ سندن فلاح بهبود لاءِ ڪم ڪري رهيو آهي ۽ مختلف وقتن تي سندن حوصلا افزائي ۽ مدد ڪئي ويندي آهي ته جيئن هو پنهنجا فرض ايمانداري ۽ بهتر نموني سان ادا ڪري عوام جا مسئلا اعليٰ ايوانن تائين پهچائي سگهن. 07

لاڙڪاڻي جي ميئر ٽيڪس اوڳاڙي کي تيز ڪرڻ جون هدايتون ڪري ڇڏيون

ميئر ميونسپل ۽ نساسڪ عملي کي طلب ڪري علائقي مان گند ڪچرو صاف ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪيون

لاڙڪاڻو (د ر) لاڙڪاڻي جي ميئر جو يونين ڪاميٽي 16 جو پيادل دورو، عوامي مسئلا معلوم ڪري نساسڪ عملي کي صفائي سٿرائي ڪرڻ واري عمل کي تيز ڪرڻ سميت ميونسپل عملي کي شهر جي مختلف روڊن تي حد دخليون هٽائڻ ۽ ميونسپل جي دوڪانن تان ٽيڪس اوڳاڙي جي عمل کي تيز ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪري ڇڏيون آهن. ان سلسلي ۾ لاڙڪاڻي جي ميئر محمد اسلم شيخ گذريل ڏينهن يونين ڪاميٽي 16 ۾ ساڍن ٽن ڪلاڪن تائين علائقي جو پيادل دورو ڪيو جنهن دوران هن علائقي واسين کان مسئلا معلوم ڪيا ۽ علائقي ۾ قائم ڊسپوزل مشينن جو معائنو ڪيو. دوري دوران علائقي واسين صفائي سٿرائي نه هئڻ جون شڪايتون ڪيون جنهن تي ميئر ميونسپل ۽ نساسڪ عملي کي طلب ڪري علائقي مان گند ڪچرو صاف ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪيون. ان موقعي تي هن صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته اسين لاڙڪاڻي شهر کي صاف سٿرو ۽ خوبصورت بڻائڻ چاهيون ٿا جنهن لاءِ ميونسپل ۽ نساسڪ عملي کي شهرين سان تعاون ڪرڻ گهرجي. هن چيو ته شهر جي بندر روڊ سميت ٻين روڊن تي حد دخليون جلد هٽايون وينديون جيئن ٽريفڪ جي رواني متاثر نه ٿئي. هن چيو ته شهر جي مختلف علائقن ۾ قائم ميونسپل جي دوڪانن تي ٽيڪس اوڳاڙي واري عمل کي تيز ڪيو ويندو ته جيئن ان ٽيڪس ڪليڪشن مان شهر جي ترقي ۽ خوشحاليءَ وارا منصوبا جوڙي شهرين کي رليف ڏئي سگهجي. هن چيو ته ميئر جو عهدو سنڀالڻ بعد ٿورن ڏينهن اندر شهر جي اڪثر علائقن ۾ واضح تبديلي آهي ۽ تمام جلد سڄي شهر کي صاف سٿرو ڪيو ويندو.

جيڪب آباد ۾ سوئي گئس آفيس آڏو شهرين جو ڌرڻو، آفيسرن جي ٽيبل تي چوڙيون ۽ پوتيون اڇلايون ويون

ڪائونسلر عطا محمد سومري، پ پ شهيد ڀٽو جي ضلعي صدر نذير قريشي، حاجي احمد ڪوسي ۽ ٻين احتجاجي مظاهرو ڪيو

احتجاج ۾ شامل عورتن آفيسرن جي آفيسن ۾ چوڙيون ۽ پوتيون اڇلائي انوکو احتجاج ڪيو، عملدارن خلاف نعري بازي

جيڪب آباد (و ر) جيڪب آباد ۾ سئي گئس عملي تي شهري ڪاوڙجي پيا، جنهن بعد شهر جي چونڊيل نمائندن، سياسي پارٽي جي اڳواڻن ۽ شهرين سوين عورتن سان گڏجي سئي گئس آفيس آڏو ڌرڻو هڻي آفيس جو مين گيٽ بند ڪري ڇڏيو جنهن بعد گيٽ ٽوڙي شهرين آفيس ۾ داخل آفيسرن جي ٽيبلن تي چوڙيون ۽ پوتيون اڇلائي انوکو احتجاج ڪيو. جيڪب آباد ۾ گذريل هڪ سال کان وٺي شهر جي اڪثر پاڙن ۾ سئي گئس جي فراهمي بند هئڻ ۽ گهٽ پريشر باوجود گڏيل بل موڪلڻ، بار بار شڪايتن جو ازالو نه ٿيڻ ۽ سردي جي موسم اچڻ باوجود گئس سپلائي جي مڪمل بحالي نه ٿيڻ خلاف شهر جي مختلف وارڊن جا ڪائونسلر عطا محمد سومري، پ پ شهيد ڀٽو جي ضلعي صدر نذير قريشي، حاجي احمد ڪوسي، عباس رند، نور محمد منجهو اڳوڻي يوسي ناظم ۽ سردار محمد ميان سومري جو ويجهو ساٿي انور علي خان سومري، پ پ اڳواڻ اڳوڻو يوسي ناظم محمد رفيق سومري، ليڊي ڪائونسلر تطهيران بيگم سومري، عالم خاتون، فوزيا منجهو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي سئي گئس آفيس جي مک گيٽ اڳيان قومي شاهراهه تي ڌرڻو هڻي ڇڏيو. بلوچستان کي ملائيندڙ قومي شاهراهه بند ڪري ڇڏي جنهن سبب ٽريفڪ جون قطارون لڳي ويون، جنهن تي پ پ شهيد ڀٽو جا سوين ڪارڪن ۽ شهري مچرجي پيا ۽ مک گيٽ ٽوڙي آفيس ۾ داخل ٿي نعري بازي ڪئي، جڏهن ته احتجاج ۾ شامل عورتن آفيسرن جي آفيسن اڇلائي انوکو احتجاج ڪيو. انهي موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته سئي گئس عملدارن جي بدعنوانين جي ڪري سي اين جي پمپ ۽ هوٽل وارن کي گئس جي سپلاءِ ٿي رهي آهي، اسان رهواسين کي گئس جي سهولتن هوندي به محروم رکيو ويو آهي. 10

جيڪب آباد: شهري سوئي گئس آفيس آڏو احتجاج ڪري رهيا آهن

ٽنڊو محمد خان ۾ برسات جو پاڻي نيڪال نه ٿيڻ خلاف ٽنڊو سائينداد واسين جو ڌرڻو

پاڻي نيڪال نه ٿيڻ ڪري ڳوٺ ۾ اچڻ وڃڻ جي رستي سميت اسڪول ۽ اسپتال ۾ پاڻي هيٺ آهن

برساتي پاڻي نيڪال نه ٿيو ۽ قبضا ختم نه ڪيا ويا ته احتجاجي تحريڪ شروع ڪئي ويندي: رهواسي

ٽنڊو محمد خان (و ر) ٽنڊو سائينداد جي درجنين رهواسين يوسي چيئرمين پير احمد سعيد جان سرهندي، پير ثاقب جان سرهندي، وتوڊ ميگهواڙ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڊي سي آفيس آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو، ڌرڻي کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته 10 ڏينهن اڳ ٽنڊو محمد خان ۾ برسات پئي هئي جنهن جو اڃان تائين ٽنڊو سائينداد مان پاڻي نيڪال نه ڪيو ويو آهي، جنهن جي ڪري ڳوٺ ۾ اچڻ وڃڻ جي رستي سميت اسڪول ۽ اسپتال ۾ پاڻي هيٺ آهن، هنن چيو ته بااثر ماڻهو ٽنڊو سائينداد جي واحد نيڪال واري سم نالي تي بلڊر معرفت قبضو ڪيو آهي جنهن ڪري پوري ڳوٺ جي آبادي مڪمل برساتي پاڻي سبب تلاءَ جو ڏيک ڏيئي رهي آهي، هنن چتاءُ ڏنو ته جيڪڏهن ٽنڊو سائينداد مان برساتي پاڻي نيڪال نه ٿيو ۽ سم نالي تان قبضا ختم نه ڪيا ويا ته احتجاجي تحريڪ شروع ڪئي ويندي، جڏهن ته ڳوٺاڻن جي احتجاج ڌرڻي واري هنڌ پ پ اڳواڻ حاجي امين لاکو ۽ ضلعي وائيس چيئرمين شير امين لاکو پهچي ڳالهيون ڪري ڪين برساتي پاڻي جي نيڪالي جو يقين ڏياريو ۽ ڌرڻو ختم ڪرايو.

ڀريا لڳ ڳوٺاڻي جي ٻڪري چوري

ڀريا (ن ع ا) ڀريا لڳ ڳوٺ ٽاڪرو مان ڳوٺاڻي دين محمد پنهور جي گهر مان پلي نسل جي ٻڪري چوري ٿي وئي، واضح رهي ته ڀريا ٿاڻي جي حد ۾ هڪ مهيني اندر 15 کان 20 ڏوهن جون وارداتون ٿيون، پر ڀريا پوليس هڪ به ڏوهه واپس ڪرائي نه سگهي آهي، متاثر ڳوٺاڻي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته ڀريا پوليس ٿاڻي تي پلن ڳهوڙن جبان پلجي پئي، پر ڏوهن تي ڪنٽرول ڪرائڻ ۾ مڪمل ناڪام ٿي وئي آهي، جنهن مان لڳي ٿو ته پوليس ڏوهارين سان ڀت بڻيل آهي، هن آءِ جي سنڌ ۽ ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو ته ڀريا ٿاڻي جي حد ۾ ڏينهون ڏينهن وڌندڙ ڏوهن جو نوٽيس وٺي پوليس کان پڇاڻو ڪيو وڃي.

ميرپورخاص ۾ واپاري کان 6 لک رپيا ڦر

پانسنگهه آباد ۾ هٿيار بند واپارين کان ڦر ڪئي

ميرپورخاص (بيورو رپورٽ) ميرپورخاص ۾ واپاري کان 6 لک رپيا ڦر ميرپورخاص جي پانسنگهه آباد واري علائقي ۾ موٽر سائيڪلن تي سوار 4 هٿياربند ميرواهه گورچاڻي واسي واپاري عاشق حسين آرائين کان 6 لک رپيا ڦر ڪري فرار ٿي ويا. اطلاع ملڻ تي حد جي سيٽلائيٽ ٽائون پوليس واقعي واري جاءِ تي پهچي ڦرجي ويل شخص کان معلومات ورتي، جنهن ٻڌايو ته هو آدم ٽائون جي هڪ بينڪ مان پئسا ڪڍرائي اچي رهيو هو ته ڦورن کيس يرغمال بڻائي رقم ڦر ڪئي. 07

ڀريا پرسان ٻن ڳوٺاڻن کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش

ڀريا (ن ع ا) ڀريا پرسان گلو سيال ٿاڻي جي حد ڪچي جي ڳوٺ لعل ڪنير جا رهواسي نوجوان نويد احمد ڪنير ۽ استاد راشد ڪنير ڳوٺ ٻاهران روڊ تي ويٺل هيا ته 3 هٿياربندن تشدد ڪري اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته نوجوانن رڙيون ڪيون، جنهن تي ڳوٺاڻا گهرن کان ٻاهر نڪري آيا ۽ هوائي فائرنگ ڪئي، جنهن ڪري هٿياربند نوجوانن کي ڇڏي فرار ٿي ويا. اغوا کان بچي ويل نوجوانن ٻڌايو ته اسان سومهڻي جي وقت ڳوٺ ٻاهران ويٺل هياسين ته 3 هٿياربندن اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته اسان رڙيون ڪيون، جنهن تي ڳوٺاڻن پهچي اسان کي اغوا ٿيڻ کان بچائي ورتو.

سکر: ڪمشنر محمد عباس بلوچ يونيسيف جي وفد سان گڏجاڻي ڪري رهيو آهي

GRATITUDE

ZAHID MALIK

(SITARA-E-IMTIAZ)

Editor-in-Chief

Daily Pakistan Observer, Hurmat Publications and

Patron-in-Chief

Nazriya Pakistan Council, Islamabad.

We cannot think of any words to express our heartfelt thanks for the condolence and sympathy you have extended towards us.

We are really thankful to you and appreciate your support and love at this time of loss.

Family of Late Zahid Malik

نئين ديري ۾ چيئرمين پاڻ بيلچن سان گند ڪڍي شهر جي صفائي ڪرائي

اختيار ناهن مليا، دوستن کان ٽريڪٽر گهرائي صفائي ڪرائي آهي: الله ڏنو ڀٽو

فنڊن ڪانسواءِ ڪم نه هلي سگهندو، وڏي وزير يقين ڏهاني ڪرائي آهي ته جلد فنڊ جاري ڪيا ويندا

نئون ديرو (رپورٽر) سنڌ حڪومت اختيار منتقل نه ڪيا، نئون ديرو ۾ ذاتي دوستن کان اسڪيويٽر مشين، ٽريڪٽر گهرائي شهر اندر صفائي جي مهم شروع ڪري ڇڏي آهي. نئون ديرو ميونسپل ڪاميٽي جي چيئرمين الله ڏنو ڀٽو، وائيس چيئرمين سڪندر علي ڪٽير، منظور خاصخيلي، مشتاق سومرو، بشير ڀٽو جي اڳواڻي ۾ چونڊيل نمائندن گند بيلچن سان ڪڍي ترلي ۾ وڌو جنهن بعد سڄي شهر اندر نالين ٽوڙي روڊن جي صفائي جو ڪم تيزي سان شروع ٿي ويو آهي جڏهن ته اسٽريٽ لائيٽنگ لاءِ شهر جي مکيه گهٽين ۽ رستن روڊن تي بلب ۽ راڊون لڳايون پيون وڃن. ان ڏس ۾ چيئرمين ميونسپل ڪاميٽي نئون ديرو الله ڏنو ڀٽو چيو آهي ته اختيار نه مليا آهن جنهن ڪري دوستن کان ٽريڪٽر ۽ اسڪيويٽر مشين گهرائي شهر اندر صفائي شروع ڪري ڇڏي آهي. فنڊن ڪانسواءِ ڪم نه هلي سگهندو، وڏي وزير يقين ڏهاني ڪرائي آهي ته جلد فنڊ جاري ڪيا ويندا. هن چيو ته شهر اندر صفائي ورهين کان نه ٿي آهي جنهن لاءِ اسان ڀرپور وک کنئي آهي جڏهن ته روڊن رستن تي اسٽريٽ لائيٽون لڳائڻ وارو ڪم به تيزي سان شروع ٿي ويو آهي. شهرين کي مان ڏينداسين انهن کي مايوس نه ڪنداسين، هن چيو ته ملازم مقرر وقت تي آفيس اچن، گوسڙو ۽ واڪيٽ ڪلچر [illegible] برداشت نه ڪيا ويندا.

پليجاڻي جي سرڪاري اسپتال زبون حال، مريض پريشان

اسپتال جي نئين سر تعمير ڪرائي بنيادي سهولتون مهيا ڪيون وڃن: رهواسي

پليجاڻي (ن ع ا) پليجاڻي جي سرڪاري گذريل 4 ورهين کان بند هجڻ سبب زبون حال بڻجي وئي، 250 ڳوٺن جا مريض پريشان ٿي ويا، اسپتال جي بند هجڻ سبب غريب ماڻهو پرائيويٽ اسپتال مان مهانگو علاج ڪرائڻ تي مجبور ٿي ويا. ڳوٺاڻن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪندي چيو ته اسپتال جي نئين سر تعمير ڪرائي بنيادي سهولتون مهيا ڪيون وڃن.

ڪراچيءَ ۾ اسلامڪ فنانس جي حوالي سان عالمي ڪانفرنس

وفاقي وزير اسحاق ڊار خاص مهمان هو، شيخ محمد تقي عثماني ۽ ٻين شرڪت ڪئي

اسلام آباد (پ ر) ڪراچيءَ ۾ سينٽر فار ايڪسيلينس ان اسلامڪ فنانس طرفان ٻين ادارن جي سهڪار سان عالمي ڪانفرنس ڪرائي وئي، جنهن ۾ گلوبل اسلامڪ فنانس اڳواڻن مستقبل جي حڪمت عملي واضح ڪئي. ان موقعي تي پروگرام جو خاص مهمان ناڻي وارو وفاقي وزير اسحاق ڊار هو جڏهن ته شيخ محمد تقي عثماني ۽ ٻيا موجود هيا. ان موقعي تي تقريب کي خطاب ڪندي وفاقي وزير اسحاق ڊار چيو ته اسلامي بينڪنگ اسان جي پهرين ترجيح آهي، مالي معاملن ۽ سيڙپڪاري جو وڏو ادارو چاهيون ٿا. ڪانفرنس ۾ ڊاڪٽر عشرت حسين، عباس ميرخان، عاظمي عمر، ڊاڪٽر سيد آمين، ڊاڪٽر ضمير اقبال ۽ ٻين شرڪت ڪئي. 10

ڪراچي: اسلامڪ فنانس بابت ڪانفرنس ۾ وفاقي وزير اسحاق ڊار ايوارڊ ڏئي رهيو آهي

الطاف خلاف ڪارروائي نه ٿيڻ مان ثابت آهي ته ملڪ ۾ ٻٽو قانون هلندڙ آهي: خادم جاگيراڻي

ايس ٽي پي ڪارڪنن خلاف ڪارروايون بند نه ٿيون ته ڪارڪن سراپا احتجاج بڻجي ويندا

شهدادپور (ن ع ا) الطاف حسين ۽ سندس حوارين جي پٺ وائکي ٿيڻ باوجود مٿن ڪارروائي نه ٿيڻ مان ثابت آهي ته ملڪ ۾ ٻٽو قانون هلندڙ آهي، سنڌ جي مختلف علائقن ۾ محب وطن سنڌ ترقي پسند ڪارڪنن تي ڪارروايون سوچيل سمجهيل سازش سان ڪرايون پيون وڃن. اهڙن خيالن جو اظهار ايس ٽي پي تعلقي شهدادپور جي صدر مير خادم حسين جاگيراڻي پنهنجي جاري بيان ۾ ڪيو. هن چيو ته ڪارڪنن خلاف ڪارروايون بند ڪيون وڃن ٻي صورت ۾ ڪارڪن سراپا احتجاج بڻجي ويندا.

ننگرپارڪر جي مختيارڪار فوت ڄاڻائي زمين جا کاتا تبديل ڪيا آهن: سعيد پور واسي

اسسٽنٽ ڪمشنر جي فيصلي کان پوءِ اسان پاڻرن جا کاتا تبديل ڪرائي ڇڏيا آهن جا سراسر ناانصافي آهي: سيد حسن شاهه

اسان جي زمين تي بااثر قبضو ڪري ويٺا آهن، خاموش رهڻ لاءِ موتمار ڌمڪيون پيون ملن، انصاف ڪيو

ٽنڊو محمد خان (و ر) سعيد پور ٽڪر جي رهواسين سيد حسن شاهه، سيد حسين شاهه ۽ ٻين ٽنڊو محمد خان ۾ صحافين اڳيان داتهيندي الزام هنيو ته ننگرپارڪر تعلقي جي مختيارڪار اسان جي جيئرن پاڻرن کي فوت ڄاڻائي موروثي زرعي زمين جا کاتا تبديل ڪري ڇڏيا آهن، هنن چيو ته تعلقي ننگرپارڪر جي ديهه روهج ۾ سندن موروثي زرعي زمين 86 ايڪڙن جا کاتا تپيدار بااثرن کان رشوت وٺي اسان پنهنجي پاڻرن کي فوت ڄاڻائي تبديل ڪرائي ڇڏيا آهن، هنن چيو ته اسان زمين تي قبضي ۽ کاتن ۾ ٿيندڙ هيرا ڦيري بابت اسسٽنٽ ڪمشنر ننگرپارڪر کي داتهيو، جتي سمورو رڪارڊ اسان جو ثابت ٿيو ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر اسان کي چيو ته زمين اوهان جي ثابت ٿي آهي، فيصلو اوهان جي حق ۾ آهي ۽ پوءِ پنجن ڏينهن بعد ساڳئي اسسٽنٽ ڪمشنر اسان پنهنجي ضعيف پاڻرن کي تپيدار جي رپورٽ موجب فوتي ڏيکاري ٻي ذات جي بااثر ماڻهن نالي کاتا ڪرائي ڇڏيا، جيڪا سراسر ناانصافي آهي، هنن چيو ته اسان جي زرعي زمين تي اڳوڻي يوسي ناظم ۽ سندس بااثر هٿياربند قبضو ڪري ويٺا آهن ۽ هاڻ اسان کي خاموش رهڻ لاءِ موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن، هنن سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه، صوبائي وزير روينيو سميت اعليٰ اختيارين کان انصاف جو مطالبو ڪيو آهي.

احتجاج
احتجاج
احتجاج
لوئر اسٹاف ملازمین ٹائم اسکیل دیا جائے
آغا حیدر علی پٹھان کو فوری بحال کیا جائے
شاهد علی سوڈو کو فوری بحال کیا جائے
منجانب: آل سندھ ایجوکیشن ڈپارٹمنٹ لوئر اسٹاف ایسوسی ایشن ضلع سکھر

سکر: تعليم کاتي جا ننڍا ملازم مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

سڀ هڪ آواز ٿي يوم دفاع جي شهيدن کي سلام پيش ڪيون: محمد صديق ڪلهوڙو

عظيم قومون احسانمند قومون هونديون آهن، جيڪي ڪڏهن به پنهنجي شهيدن کي نه وسارينديون آهن

شهيد ڀٽو پاڪستان جي ائٽمي پروگرام جي بنياد رکندڙن مان هڪ، بينظير ڀٽو والد جي ڇڏيل مشن کي پورو ڪيو

ڄامشورو (پ ر) سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو جي بيورو آف اسٽيگس پاران يوم دفاع جي حوالي سان هڪ انتهائي شاندار تقريب منعقد ڪئي وئي، تقريب جو مک مهمان سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر محمد صديق ڪلهوڙو هو جڏهن ته ونگ ڪمانڊر حيدرآباد ليفٽيننٽ ڪرنل محمد اشرف ڀٽي تقريب ۾ اعزازي مهمان ۽ خاص مقرر طور شرڪت ڪئي. ان موقعي تي پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي پروفيسر ڊاڪٽر محمد صديق ڪلهوڙي چيو ته هي سنڌ يونيورسٽيءَ جي تاريخ ۾ پهريون دفعو آهي جو يوم دفاع جي اهڙي پُروقار تقريب منعقد ڪئي وئي آهي. هن چيو ته عظيم قومون احسانمند قومون هونديون آهن، جيڪي ڪڏهن به پنهنجي محسنن ۽ شهيدن کي نه وسارينديون آهن. ڊاڪٽر سوين استادن، شاگردن، شاگردياڻين، آفيسرن ۽ ملازمن جي تائيد حاصل ڪندي چيو ته هو سڀ هڪ آواز ٿي يوم دفاع جي شهيدن کي سلام پيش ڪن ٿا ۽ ان عزم جو ورجاءُ ڪن ٿا ته وطن جي پاڪ ڌرتيءَ کي جڏهن سندن رت يا جان جي ضرورت پئي ته هو ان تان واري ڇڏڻ پنهنجي لاءِ وڏي ۾ وڏو اعزاز سمجهندا. پاڪستان جي اڳوڻي وزيراعظم شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي خراج تحسين پيش ڪندي ڊاڪٽر ڪلهوڙي چيو ته شهيد ڀٽو پاڪستان جي ائٽمي پروگرام جي بنياد رکندڙن مان هڪ جڏهن ته شهيد محترمه بينظير ڀٽو پنهنجي والد جي ڇڏيل مشن کي ڀرپور نموني اڳتي وڌائي پاڪستان کي هڪ ناقابل تسخير دفاعي نظام مهيا ڪيو. ڊاڪٽر ڪلهوڙي چيو ته قومي يڪجهتي، حب الوطني جو جذبو، معاشي ترقي ۽ علمي سگهه ئي قومن جا موثر ترين دفاعي هٿيار هوندا آهن. هن چيو ته سنڌ يونيورسٽي، جنهن جي عمر پاڪستان جي عمر جي برابر آهي، ان هميشه اها ڪوشش ڪئي آهي ته اها تعليمي مورچي تان پنهنجي ملڪ جي بهادر فوج سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي دشمن جي هر ناپاڪ ارادي کي خاڪ ۾ ملائي ڇڏي. تقريب ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي سوين استادن، آفيسرن، شاگردن، شاگردياڻين ۽ ملازمن پُرجوش انداز ۾ حصو ورتو.

نوابشاهه: پريس ڪلب ۾ ناري انصاف لاءِ داتهي رهي آهي

سوڀي ديري ۾ سيپڪو وارن جو آپريشن، غيرقانوني ڪنيڪشن ڪاٽا

سوڀوديرو (ن ع ا) سيپڪو وارن انجنيئر رائي پور مشتاق احمد عباسي، ايس ڊي او تقي شاهه، ايل ايس تو مقصود ملاح، ايل ايس وڏ غلام مصطفيٰ شيخ، ايل ايس عبدالڪريم هڱورو ۽ ايل ايم آر راحب ڀٽو جي اڳواڻيءَ ۾ آپريشن ڪندي 100 غيرقانوني ڪنيڪشن ڪاٽي تارن کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو.

روهڙي واسيءَ کان ڦر، ايس ايڇ او سي سيڪشن لائين حوالي

ڀريا (ن ع ا) روهڙي واسي مشهور واپاري استاد قمرالدين پنهور روهڙي کان پنهنجي سوزوڪي ۾ سوار ٿي سکر وڃي رهيو هيو ته سي سيڪشن ٿاڻي خيرپور جي حد ڳوٺ وارث ڪنڀير وٽ 2 موٽرسائيڪل سوار هٿياربند ان کان ڏيڍ لک روپيا روڪ، اي ٽي ايم ڪارڊ، ضروري ڪاغذ ڦر ڪري فائرنگ ڪندا فرار ٿي ويا، جڏهن ته اهڙي اطلاع تي ايس ايس پي خيرپور نوٽيس وٺندي ايس ايڇ او سي سيڪشن پيار علي جتوئي کي بدلي ڪري لائين حوالي ڪري ڇڏيو، جڏهن ته آخري اطلاعن تائين سي سيڪشن پوليس ڪا گرفتاري نه ڪري سگهي ۽ نه وري ڦريل رقم ۽ سامان واپس ڪرائي سگهي.

لاڙڪاڻي ۾ سياسي، سماجي ۽ مذهبي جماعتن پاران يوم دفاع تي ريليون

لاڙڪاڻو (و ر) سڄي ملڪ جيان لاڙڪاڻي ۾ به مختلف سياسي، سماجي توڙي مذهبي جماعتن طرفان يوم دفاع جي موقعي تي ريليون ڪڍيون ويون. ان سلسلي ۾ پاڪستان سني تحريڪ طرفان قاسم شاهه بخاري، مولانا علي نواز قاسمي، حاجي روشن آل محمد، ياسر محمد عمران قادري، عابد علي ڪهاوڙ، عطاءُ الرحمان ميراڻي، عطاءُ الله ابڙو، حاجي احمد بروهي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي، جيڪا مختلف رستن کان ٿيندي پريس ڪلب سامهون پهتي، جتي ريلي کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته 6 سيپٽمبر يوم دفاع وارو ڏهاڙو وطن عزيز جي پاڪ مٽي سان وفا جو ڏهاڙو آهي، 1965ع ۾ ڀارت رات جي اونداهي ۾ اسان جي وطن مٿان حملو ڪيو جنهن جو بهادري سان مقابلو ڪندي پاڪ فوج جي آفيسرن توڙي جوانن ملڪ جي سالميت خاطر پنهنجون جانيون قربان ڪري دشمن جي ناپاڪ ارادن کي مٽي ۾ ملايو. هنن چيو ته اسان 6 سيپٽمبر جي شهيدن کي خراج تحسين پيش ڪريون ٿا ۽ پاڪ فوج جي ڪاميابين لاءِ دعاگو آهيون.

ميرپورساڪري لڳ پلال کي باهه، لکين رپين جو نقصان

ڳوٺ حاجي قيصر ڪلمتي ۾ بجلي جي تار ڪرڻ سبب لکين رپين جو پلال سڙي ويو

ميرپورساڪرو (ت ر) ميرپور ساڪري لڳ ڳوٺ حاجي قيصر ڪلمتي ۾ بجلي جي تار ڪرڻ سبب پلال کي باهه لڳي جنهن سبب ڳوٺاڻي مجيب الرحمان جو مال جي چاري لاءِ رکيل لکين رپين جو پلال سڙي ويو، واپڊا عملدار اطلاع باوجود نه پهتا.

لاڙڪاڻي ۾ مير مرتضيٰ ڀٽو ۽ ساٿين جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ ريلي

شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو ۽ ساٿين جا قاتل گرفتار ڪري ڪين ڦاهي چاڙهيو وڃي: اڳواڻ

لاڙڪاڻو (و ر) لاڙڪاڻي ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي ش ڀ جو شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو ۽ سندس ساٿين جي خونن سان انصاف نه ٿيڻ خلاف احتجاج جاري آهي. ان سلسلي ۾ ڪالهه پنجين ڏينهن به پ پ ش ڀ جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن پاران ديدار علي سولنگي، رسول بخش ڀٽو، اظهر علي چانڊيو، مختيار احمد ڀٽو، لطف الله شيخ، امتياز گاد، زبير احمد لاهوري، احسان مري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ المرتضيٰ هائوس کان احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، جيڪا شهر جي مختلف رستن کان ٿيندي پريس ڪلب سامهون پهتي، جتي احتجاجي مظاهرو ڪري علامتي بک هڙتال ڪئي وئي. ان موقعي تي معين اڳواڻن صحافين کي ٻڌايو ته پ پ ش ڀ طرفان گذريل 20 سالن کان پنهنجي قائد شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو ۽ سندس ساٿين جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ وقتن بي وقتن احتجاج ڪيو پيو وڃي، پر حڪمرانن ۽ پوليس جي اعليٰ اختيارين جي ڪن تي جونءِ به نٿي چري، شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو ۽ سندس ساٿين جا قاتل اڄ به سرعام گهمي رهيا آهن، پر انهن کي ڪوئي گرفتار ڪرڻ وارو نه آهي.

قمبر: پ پ ش ڀ ڪارڪن قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

خيرپور: شاهه لطيف يونيورسٽي جي وي سي پروين شاهه شاگردن کي اسڪالرشپ جا چيڪ ڏيندي

ڪراچي يونيورسٽي ۾ يوم دفاع جو پروگرام اڄ ٿيندو

ڪراچي (ٻ ر) ڪراچي يونيورسٽي جي شعبي پبلڪ ايڊمنسٽريشن پاران يوم دفاع جي مناسبت سان پروگرام اڄ صبح 11 وڳي ٿيندو، پروفيسر ڊاڪٽر خالد عراقي ۽ ڊاڪٽر شڪيل فاروقي خطاب ڪندا، ان موقعي تي 1965ع جي اخبارن جي تصويري نمائش به ٿيندي.

کهڙن جي هائير سيڪنڊري اسڪول ۾ سهولتن جي کوٽ، شاگرد پريشان، احتجاج

هائير سيڪنڊري اسڪول ۾ صفائي سٿرائي جو نظام بهتر ناهي ۽ گندگيءَ جا ڍير لڳل آهن: شاگرد

ٿڌي پاڻيءَ جو به ڪو جوڳو بندوبست ناهي ٿيل، سهولتون نه هجڻ جو نوٽيس وٺي مسئلا حل ڪيا وڃن: مطالبو

کهڙا (تبسم اڄڻ وٽان) کهڙن جي هائير سيڪنڊري اسڪول ۾ سهولتن جي کوٽ خلاف يارهين ۽ ٻارهين ڪلاسن جي شاگردن غلام عباس چانڊيي، باقت عباسي، صيف الله ۽ ٻين جي اڳواڻيءَ ۾ پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو. ان موقعي تي شاگردن ميڊيا وارن سان ڳالهائيندي چيو ته هائير سيڪنڊري اسڪول ۾ صفائي سٿرائي جو نظام بهتر ناهي، گندگيءَ جا ڍير لڳل آهن، ڪلاسن جي صفائي به نه ٿي ڪرائي وڃي، ٿڌي پاڻيءَ جو به ڪو جوڳو بندوبست ناهي ٿيل، شاگرد ٽلڪن جو گرم پاڻي پيئڻ تي مجبور آهن، اسڪول جي گرائونڊ ۾ ٻن بيٺل آهي، پرنسپال کي چئي ٿڪجي پيا آهيون، پر اسان جي هڪ به نه ٿي ٻڌي وڃي، اسڪول ۾ بجلي پڻ نه جي برابر آهي، ڪلاسن جا ڪيترائي پکا سڙيل آهن جنهن سبب گرميءَ ۾ شاگرد بيحال ٿي وڃن ٿا. هنن تعليم واري صوبائي وزير کان مطالبو ڪيو ته اسڪول ۾ سهولتون نه هجڻ جو نوٽيس وٺي مسئلا حل ڪيا وڃن.

يونيورسٽي آف صوفي ازم جي پرو وائيس چانسلر جو مقرريءَ جو آرڊر منسوخ

ڄامشورو (پ ر) سنڌ جي وزيراعليٰ هائوس پاران جاري ڪيل نوٽيفڪيشن تحت پروفيسر ڊاڪٽر اسلم پرويز ميمڻ جي يونيورسٽي آف صوفي ازم، پيس اينڊ ماڊرن سائنسز ڀٽ شاهه جي پرو وائيس چانسلر طور مقرريءَ جو آرڊر 2 سيپٽمبر 2016ع کان منسوخ ڪيو ويو آهي. ان سلسلي ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي رجسٽرار پاران اهڙو نوٽيفڪيشن پڻ جاري ڪيو ويو آهي.

شاهه عبداللطيف يونيورسٽيءَ ۾ اسڪالرشپ جا چيڪ ورهائڻ واري تقريب

شاگرد اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ سخت محنت ڪن: پروين شاهه

پنهنجي قابليت تي شاگرد يقين رکن، هي دور مقابلي ۽ چيلينجن جو آهي: ڳالهيون

خيرپور (و ر) شاهه عبداللطيف يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر سيڪريٽريٽ ۾ انڊس اسڪالرشپ جا چيڪ ورهائڻ واري تقريب ٿي، وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر پروين شاهه بزنس ايڊمنسٽريشن شعبي جي 13 شاگردن ۽ شاگردياڻين کي ٽوٽل 87000 روپين جي اسڪالرشپ جا چيڪ ڏنا. ان موقعي تي چيڪ حاصل ڪندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين سان ڳالهائيندي پروفيسر ڊاڪٽر پروين شاهه چيو ته شاگرد ۽ شاگردياڻيون اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ سخت محنت ڪن ۽ پنهنجي قابليت ۽ مقابلي تي يقين رکن، ڇو ته هي دور مقابلي ۽ چيلينجن جو آهي. ان موقعي تي ڊاڪٽر پروين شاهه بزنس ايڊمنسٽريشن شعبي جي چيئرپرسن پروفيسر ڊاڪٽر ارم راڻي ۽ اسڪالرشپ ڏيندڙن جي ڪوششن جي تعريف ڪئي. پروفيسر ڊاڪٽر ارم راڻي وائيس چانسلر کي ٻڌايو ته سرندي وارن پاران شعبي جي شاگردن ۽ شاگردياڻين کي انڊس اسڪالرشپ ميرٽ ڪم فنانشل نيڊ بيسڊ جي بنياد تي سال 2010 کان ڏني پئي وڃي. ڊاڪٽر ارم راڻي چيو ته هي اسڪالرشپ شاگردن ۽ شاگردياڻين جي جاچ پڙتال کان پوءِ ڏني ويندي آهي. چيڪ وٺندڙن ۾ اسما ڪوسو، مهتاب علي، عائشا مهر سنبل، نذير ڪلوڙ، عبدالمالڪ ۽ ٻيا شامل هيا.

سنڌ يونيورسٽيءَ جي ملازمن کي عيد ايڊوانس اڄ ڏنو ويندو

ڄامشورو (پ ر) سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر محمد صديق ڪلهوڙي پاران سنڌ يونيورسٽيءَ جي گريڊ 2 کان 16 تائين جي سڀني مسلمان ملازمن کي عيدالاضحيٰ جي موقعي تي سڄي بنيادي پگهار جڏهن ته گريڊ 17 کان 22 تائين جي آفيسرن کي (جن کي ساليانو ليو انڪيشمينٽ نه ملي هجي) اڌ بنيادي پگهار ڏيڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي. عيد ايڊوانس اڄ اربع 7 سيپٽمبر تي ڏني ويندي.

مانجهند تعلقي ۾ اسڪولن تي ڇاپا، حاضري يقيني بڻائڻ جي هدايت

ٽي اي او قدا حسين شاهاڻي علي آباد، منظور آباد ۽ ٻين اسڪولن تي ڇاپا هنيا

سمورن اسڪولن جا استاد اسيمبلي واٽس ايپ ڪري موڪلين: هدايت

سن (ن ع ا) مانجهند جي تعلقي ايجوڪيشن آفيسر قدا حسين شاهاڻي تعلقي جي بلو سرائي سولنگي، علي آباد، منظور آباد، اقبال ڪوسي، سن، لاکا، نورپور سميت مختلف اسڪولن تي ڇاپا هنيا، ان موقعي تي ٽي اي او شاگردن جي حاضري کي يقيني بڻائڻ، اسڪولن ۾ اسيمبلي ڪرائڻ، سمورن استادن کي اسيمبلي ۾ پهچڻ جو پابند ڪندي استادن کي چيو ته جيڪو اسيمبلي ۾ نه پهچندو ان خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي، سمورن اسڪولن جي هيڊ ماسترن کي پابند ڪيو ويو ته اسڪول جي اسيمبلي ۽ حاضري واٽس ايپ ڪري موڪلين.

ملير ۾ بائيو ميٽرڪ سسٽم آزار بڻيل، حاضر استادن جون پگهارون بند

ملير (و ر) ڪراچي ۾ سيڪنڊري تعليم پاران استادن جي حاضري بهتر بڻائڻ ۽ جاچڻ لاءِ متعارف ڪرايل بائيو ميٽرڪ سسٽم سهولت بدران استادن ۽ ٻئي عملي لاءِ آزار بڻيل آهي، ڪيترن ئي اسڪولن ۾ حاضر رهندڙ استادن جون پگهارون بند ٿي ويون آهن. متاثر استادن صحافين آڏو داتهيندي چيو ته اسان جي بائيو ميٽرڪ جن اسڪولن مان ٿيل آهي اسين اتي باقاعدگي سان پڙهائي رهيا آهيون، ان جي باوجود ملير ۾ ڪيترن ئي استادن جون پگهارون بند ڪيون ويون آهن.

سي ايم او ٽيم جا نوشهري ۾ اسڪولن تي ڇاپا

چيف مانيٽرنگ آفيسر عبدالله ڏاهري جي اڳوائيءَ ۾ ٽيم ڇاپا هنيا

پڏعيدن (ن ع ا) چيف مانيٽرنگ آفيسر نواب شاهه عبدالله ڏاهري جي اڳوائيءَ ۾ سي ايم او ٽيم هائير سيڪنڊري اسڪول، گرلس بوائز اسڪول پڙيا روڊ، بوائز ۽ گرلس پرائمري اسڪول جهانين سليمان، اردو مين پرائمري اسڪول مورو، برج ڪالوني اسڪول مورو سميت مختلف اسڪولن ۾ ڇاپا هڻي گهڻي عرصي کان غيرحاضر 8 استادن ۽ استادياڻين کي مفرور قرار ڏنو جڏهن ته 13 استاد غيرحاضر هيا. سي ايم او عبدالله ڏاهري ۽ سندس ٽيم سرفراز ڪلهوڙو، آصف مري، آصف سيال، عبدالرحيم سيال، عبدالغفار راڄپر ۽ ٻين انسپيڪشن دوران ڪيل رپورٽ سي ايم او کي ڏني ۽ استادن جي غيرحاضري تي ڪاوڙ جو اظهار ڪيو ۽ استادن کي هدايت ڪئي ته ٻارن جي تعليم تي توجهه ڏنو وڃي، جڏهن ته ڇاپن دوران نوشهروفيروز ضلعي جي اسڪولن ۾ ٿرٿلو مچي ويو. سي ايم او پوري ضلعي جي مانيٽرن جي ضلعي آفيس ۾ گڏجاڻي پڻ ڪئي.

ايوارڊ ڏيڻ سان شاگردن ۾ محنت جو جذبو پيدا ٿئي ٿو: مقرر

ڪبو سعيد خان (ت ر) واقعي سعيد خان لڳ گورنمينٽ پرائمري اسڪول ۾ سنڌ ڪميونٽي پروگرام ضلعي قمبر شهدادڪوٽ پاران ساليانو امتحان ۾ پوزيشن ڪندڙ شاگرد ۽ شاگردياڻين ۾ سنڌ ڪميونٽي جي آفيسر اياز احمد سومري، حميرا قريشي پاران شاگرد عبدالرزاق چانڊيو، آسيا ڪوسو، سرفراز مگسي، وحيده ڪوسو، هدايت الله چانڊيو، ذاڪر حسين ڪوسو کي انعام ۽ ايوارڊ ڏنا ويا. ان موقعي تي سنڌ ڪميونٽي موبلائيزيشن پروگرام جي آفيسر اياز احمد سومري، حميرا قريشي، مهمان خاص تعليمي ماهر رٽائرڊ استاد عبدالحق بروهي، هيڊ ماستر مير محمد بروهي، نظير احمد ڪوسو انعام ورهائڻ واري تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته هي پٺتي پيل علائقي ۾ هئڻ باوجود به علم روشنائي پکيڙي پئي وڃي.

فيض گنج: ڪرونڊي جا شاگرد ڪاليج انتظاميا خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

پيروسڻ ۾ واهه جو پاڻي وڪرو، زمينون بنجر بڻجي ويون، احتجاجي مظاهرو

ايريگيشن عملو پندرنهن سالن کان ناانصافي ڪندو پيو اچي، پاڻي نه هجڻ علائقو ٿر جو ڏيک ڏئي رهيو آهي: آبادگار

پاڻ مرادو نوٽيس وٺي، ڪرپٽ ۽ نااهل ايريگيشن جي عملي کي فورن هٽائي، پاڻيءَ جو وڪرو بند ڪرايو وڃي: مطالبو

پيروسڻ (ن ع ا) پيروسڻ ۾ واهه جو پاڻي وڪرو، زمينون بنجر بڻجي ويون، احتجاجي مظاهرو، تفصيلي رپورٽ موجب ته پندرنهن سالن کان مسلسل پيروسڻ مائنر علي بحر واهه ۽ موجائي شاخ جو پاڻي وڪرو ڪرڻ جي ڪري ديهن جنهن ۾ ديهه حبيب واند، ديهه الهه ڏنو عباس، ديهه فيض محمد موجائي، ديهه الهه وسايو ڏيپر، ديهه سائينداد حاجي، ديهه پيروسڻ جا سروي نمبر 2927 جنهن ۾ ساڍا ٻارنهن هزار ايڪڙ زمين غير آباد ۽ بنجر ٿي وئي. پاڻي وڪرو ڪرڻ ۽ ايريگيشن عملي جي ٻي ٻاڻيءَ خلاف آبادگارن حبيب الله راڄپر، الهه عباس، لال بخش مجيد اڻي، امان الله عباس، علي گوهر شر، زاهد راڄپر، سليم بزدي، عطا محمد اعوان، علي ڏنو راڄپر، پير محمد منگريو، غلام عباس راڄپر ۽ ٻين پيروسڻ پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪندي چيو ته اسان سان ايريگيشن عملو پندرنهن سالن کان ناانصافي ڪندو پيو اچي. هنن چيو ته ايريگيشن جو عملو پاڻي وڪرو ڪري رهيو آهي، پاڻي نه هجڻ ڪري علائقو ٿر جو ڏيک ڏئي رهيو آهي، جانور ۽ پکي به اڃ پيا مرن ۽ زمينون بنجر ٿي ويون آهن، جڏهن ته واهن، شاخن ۽ مائنرن تان ليمنٽي ونڊ وڌي، وڪرو ڪرڻ جي چڪر ۾ آهن، جڏهن ته پاڻي نه هجڻ ڪري علائقي جي ماڻهن لڏپلاڻ جو سلسلو شروع ڪري ڏنو آهي. هنن چيف جسٽس پاڪستان، وڏي وزير ۽ چيف انجنيئر سکر کان مطالبو ڪيو ته پاڻ مرادو نوٽيس وٺي، ڪرپٽ ۽ نااهل ايريگيشن جي عملي کي فورن هٽائي، پاڻيءَ جو وڪرو بند ڪرايو وڃي.

ميرپورخاص ۾ يوم دفاع ريلي، شهيدن کي خراج پيش

ميرپورخاص (بيورو رپورٽ) يوم دفاع سڄي ملڪ جيان ميرپورخاص ۾ به پاڪ فوج جي جوانن پاران ڏنل عظيم قربانين کي خراج تحسين ڏيندي ملهايو ويو، تنظيم شهداءِ افواج پاڪستان پاران شهيدن جي قبرستان تي پهچي 1965 جي جنگ ۾ شهيد ٿيل فوجي جوانن جي مزارن تي حاضري ڀري، گلن چاڙهيا جڏهن ته پوليس جي چاڪ و چوبند دستي پاران شهيدن کي سلامي پيش ڪئي وئي، جڏهن ته ڪيترن سرڪاري اسڪولن جي شاگردن ۽ تعليم کاتي جي عملدارن پاران شهيدن جي مزارن تي پهچي گل نڇاور ڪيا. ان موقعي تي مرزا مسرور بيگ، حميد شيخ، جيون منشا ۽ ٻين چيو ته سلام پيش ٿا ڪريون شهيد جوانن کي جن پاران ملڪ خاطر پنهنجي جانين جا نذرانا پيش ڪيا، سندن ڏنل قربانين سبب اڄ اسان هڪ آزاد ملڪ ۾ زندگي گهاري رهيا آهيون.

BAHRIA UNIVERSITY
Medical & Dental College Karachi
Discovering Knowledge

INVITATION OF BIDS

Procurement of 50 core i3 Desktop Computers

1. Bahria University Medical & Dental College Karachi invites sealed bids from the reputed firms, registered with Income Tax & Sales Tax Departments and who are on Active Tax payers List of the Federal Board of Revenue for supply of 50 core i3 Desktop Computers or equivalent. Specifications are as under:

Ser	Items Description	Qty
	Desktop Computers (HP Core i3 or equivalent)	
a.	Intel Core TM i3-6100 with Intel HD Graphics 530 (3.7 GHz, 3MB cache, 2 cores) or equivalent	50
b.	4GB DDR4-2133 DIMM (1x4GB) RAM or higher. Kingston or equivalent	
c.	500GB 7200 RPM SATA 6G 3.5 Hard Drive Seagate or equivalent	
d.	Intel 100 Series H110 Chipset or equivalent	
e.	DVD RW	
f.	Keyboard (Standard USB Connectivity)	
g.	Optical Mouse (Standard USB Connectivity)	
h.	HP LED – 19.45 inch LED SCREEN or equivalent	

1. Bidding documents, containing detailed terms and conditions, etc are available at IT department Bahria University Medical & Dental College Sailor Street DHA Phase - II Adjacent PNS SHIFA Hospital Karachi. Price of the tender documents is Rs.1,000/= (Cash – non refundable) as per Rule 23(5) of Public Procurement Rules, 2004.
2. Two envelop system would be followed. Sealed quotations along with pay order of 2% earnest money (in financial Bid envelop) of quoted total value (including all taxes) will be accepted till **1130 hrs** on **27th September 2016** and will be opened on the same day in the presence of the bidders or their representative at **1230 hrs**.
3. No Tender documents will be issued on the bid opening day. For any query please call on phone No. 021-35319489 President Purchase Committee or visit undersigned office.
4. Bahria University Medical & Dental College Karachi may reject all bids or proposals any time prior to the acceptance of a bid or proposal. The BU shall upon request communicate to any supplier or contractor who submitted a bid or proposal, the ground for its rejection of all bids or proposal, but is not required to justify those grounds.

President Standing Purchase Committee
Bahria University Medical & Dental College
Sailor Street, Adjacent PNS SHIFA Hospital
DHA, Phase-II, Karachi. Tel: 021-35319489

PID(I)1170/16